# استاد بخاري

## چوند شاعري

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

ياڙي ماڻهو: ياڙي تي جَلاد گهرايون بينا هِن،
سورهيہ ماڻهو: ٻيڙيون پايون، سيس سهايون بينا هِن.

ڦورُو ماڻهو: سيکجهہ ڦريون پوءِ بہ ڦرڻ لئہ ڦيرا ڏين،
ڦريل ماڻهو: ٻيو تہ ڇڏيو پر ديس ڦرايون بينا هِن.

ڪُوڙا ماڻهو: ڪُوڙ نسورو، ايندڙ ويندڙ ڪي آچِن،
سچّا ماڻهو: سورهن آنا سچّ لڪايون بينا هِن.

پورا ماڻهو: پيکيون ڏيئي، سياڻن ڪي تا سمجهائن،
سياڻا ماڻهو: سيکجهہ سمجهيون وات سبايون بينا هِن.

ڊوڙا ماڻهو: هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتيون ۽ چاقون،
ڏوليا ماڻهو: هٿ ۾ ڏاڪئون نيڻ وِڇايون بينا هِن.

رهزن ماڻهو: بگهڙن وانگون ٽوليون ٺاهيون، روڪن راهون،
رهبر ماڻهو: هرڻين وانگر نيڻ ٽمايون بينا هِن.

هلڪا ماڻهو: ڪکرن وانگر چوٽ چڙهي گجڪارون ڪن،
ڳورا ماڻهو: جبلن وانگر ساهہ سُڪايون بينا هِن.

شاهي ماڻهو: پاڻ وڏايون، ڇا نہ وجايون وينا هِن،
شاعر ماڻهو: شان اجا "استاد" بچايون بينا هِن.

سنڌ وارن لات ڪا ٻاري ڇڏي،
پنھنجي جيجل جي زبان جياري ڇڏي،
ڇا ٻہ ٿئي پر روشني مرڻي نہ آ،
پنھنجي پر ۾ ڪن گھرن ماري ڇڏي.

---

نہ ڪنھن بابوءَ جي بينڪ آ،
نہ ڪنھن افسر جو دفتر آ،
ھتي ھلندي زبان منھنجي،
ھي منھنجو پانھنجو گھر آ.

---

روپ جن جا آسمان جھڙا ھُئا،
نانءَ بي گجگوڙ وانگر پي سُئا،
واءَ آندا واءِ تي ڏڪجي پيا،
پيو پَتو ڪي موسمي بادل ھئا.

---

جو تو سان رکي سِيل، پلي پِيلُ ھجي ڪو،
سو پِيل پري پيرَ، سندس پَير چُمون ٿا.
جو تو سان رکي ڪوٽ، پلي گھوٽ ھجي ڪو،
ان گھوٽ مٿان چوٽ ڪريون ٿا.

---

ڪن چيو: آ آسمان ۾ ترٽلو،
ڪن چيو: ڌرتيءَ تي آهي زلزلو.
مون چيو اهڙي تہ ڪائي ڳالھ ناھ،
بس عوامي راڄ جو آ فيصلو.

---

نہ عُهدن جو الڪو، نہ ڪرسيءَ جو چسڪو،
سڌو چئي ڏيون ٿا، سياڻا نہ آهيون.
وطن ڪي ٻين لئہ نہ وِڪبو، نہ ڏڪبو،
فلاڻا نہ آهيون، فلاڻا نہ آهيون.

---

سچ ـ سورج کي ڪھڙي پروا،
پاڇولا لڙندائي رهندا.
ساٿي ڪلندا ڪڏندا وڌندا،
ساڙولا سڙندا ئي رهندا.

---

پي سنڌوءَ مان مخمور ٿيو!
هن مستيءَ تي مغرور ٿيو!
جي غاصب ـ نظرون پالن ٿا،
تن دوڏن لئہ انبور ٿيو!

---

كاميابيءَ جي منني ماڪي چکڻ،
ڪجھ ڏکي آ، ڏنگ جھلڻا تا پون.
منزلن پاسي وڌڻ سؤکو نہ آ،
هر قدم تي ونگ چِنڻا تا پون.

-----------------------

آڏو چور تہ پويان ياڳِيا،
راتين پنيان ڏينهن اچن تا.
سنڌ تہ گدڙن ڪاڏي ناهي،
ٻنيي تي پيا شينهن گجن تا.

-----------------------

سنڌ جي سورن جو ڪونهي آند پاند،
گھر ڍنل، وِهڪيل ڍِڳي، ڪمزور ڏاند.
پوءِ بہ شهپر کي وٽيندي پيو چوي،
سوٽَ سان ڪرڻو اٿم جلدي پلاند!

-----------------------

پوک، مزدوري، هنر، ڌندو، پڙهو!
رات توڙي ڏينهن مڙسيءَ سان ڪمايو دوستو!
جھنگ ۾ پکڙي وجو ۽ شهر کي ڇُهتي وجو،
پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم پنهنجا ڄمايو دوستو!

-----------------------

ڄرڪي ڄرڪي جئندا آهيون،
مرڪي مرڪي مرندا آهيون.
مرندي مرندي بچندا آهيون،
جيئرا هاسين، جيئرا آهيون.

---

ڪنوٽيون چمڪيون انڊن لئہ چا؟
گوڙيون گجيون ٻوڙن لئہ چا؟
بي رُت مينهَن واريون ڳالهيون،
ڇيڙيون ـ نبيريون گونگن لئہ چا؟

---

آءُ تہ تو سان آهيان گڏ،
تنهنجو هانءُ ۽ تنهنجو هڏ.
سڏ پڙاڏو ساڳي ڳالھ آ،
تنهنجو سڏ سو منهنجو سڏ.

---

ٽڪي ڪٽ ڳالھ دودي ۽ چنيسر جي،
اڃا هن جنڊ ۾ پيني ٻُڪي ناهي.
ڏسي ڪو جاڳ واري آڳ اندر جي،
جلون ٿا پيا اڃا دونهين دُکي ناهي.

---

نيٺ پٽائي تنهنجي سڌ تي،
تنهنجا ساٿي جاڳي پيا هِن.
مهمانن جي گوڙ ۾ تڏ تي،
گهر جا ڀاتي جاڳي پيا هِن.

---

ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۾ رات جو تارا تڪڻ،
عاشقيءَ جو مشغلو، انجم شماري ٿا چون.
شوق سان نالا لکڻ ۾ سوچ سان خانا ڀرڻ،
اهم قومي مسئلو، آدم شماري ٿا چون.

---

وطن جي ٻچن لئہ لڇون ٿا، ڪڙهون ٿا،
سياست نہ ڄاڻون، اڪابر نہ آهيون.
وطن جي زمين لئہ جيئون ٿا، مرون ٿا،
اسين واٽ ويندڙ مسافر نہ آهيون.

---

سجاڳي آئي آهي، سنڌ جي سُگهڙن سُڄيتن ۾،
اِجهو سرويچ هڪڙي مان سوين سرويچ ٿي ويندا.
ڇٽيو جو ڀهَڳُٽي ٻج ٻُوجهه جو آهي ڏيانن ۾،
سو اهڙي ريت وڌندو جو ڪٽي مان ڪيچ ٿي ويندا.

---

جو پير هَٽيو، سو پير ڪٽيو،
هي خوف بہ طاري رکڻو آ.
جا وِکَ وڌي، چڙ لالَ لَڏي،
هي جوش بہ جاري رکڻو آ.

---

خان جو گهر آهہ يا فوجي اڏو،
عرش جيڏي ڪوٽ ۾ محلو وڏو.
هي تہ ڏس قاتل رليون، چنڙو تڏو،
منهنجي مارُن جو آ پاڏي تي لڏو!

---

هالار جي هستي ڏيکاريو!
مهراڻ جي مستي ڏيکاريو!
جو غير اچي اُيري آڏو،
تنهن غير کي پَستي ڏيکاريو!

---

پڙهيل ماڻهو پليل ماڻهوءَ کي سمجهائي،
پڙهائيءَ جي ائين تحريڪ تي ويندي.
برابر سنڌ سورن ۾ تي چيچلائي،
دوا تيندي تہ رڳ رڳ نيڪ ٿي ويندي.

---

سـنـڌ سان هـر واعـدو رهندو سچو،
مـون مـجـيـو، آهـيـو جوانو، جانثار.
پر سچڻ جيڪـي ڪريو جلدي ڪريو،
زندگيءَ تي ناهـ ڪـو ئـي اعـتـبـار!

---

جيڪـو ڌارين جــو محتاج،
ڪڏڻو آ سو، رسم و رواج.
پنهنجا وڏ ۽ پنهنجو ويـچ،
پنهنجو سوچيو، پاڻ علاج.

---

معصوم ٻار ڪي ٻــ نــ تي تجُ ماءُ ڏئي،
مـشـهـور ٻـول آهـ تـ روئـڻ پِنـڻ بنا.
تو ڪـيئن سوچيو تـ ائين حق ملي وجي،
چُپ چَاپ ويـنـي پاڻ پتـوڙڻ، گهُـرڻ بنا.

---

اسان جي زندگي، هڪ سونهن جـو سنسار بي آهي،
اسـان جـي شاعـري، ڪنهن پيـار جو پرچار بي آهي.
اسان جــي هر گهڙي تقدير جون تختيون لکي ويني،
اسـان جــي زندگي تحـريـر جــو مينار بــي آهـي.

---

اسان کان پڇي کو محبت جــون ڳالهيون،
وطـن ســاڻ انــڌي عقــيدت جــون ڳالهيون.
سياست جي رمــزن سان پنهنجو وجـي چا؟
حکومت تي ڇاڻي حکومت جون ڳالهيون.

---

اکـين ساڻ جيکي نظارا ڏسون ٿا،
قلم ساڻ سو سڀ لکــڻ کان متي آ،
ڪنن ساڻ جيکي فسـانـا ٻـڌون ٿا،
زبان ساڻ يارو! چـوڻ کان مـتــي آ.

---

ٻيا پاڻ ڄاڻن، اسان کـي تـہ سڌ آ،
چوڻ ۾ کـرڻ ۾، وڏو فـيـر آهي،
زباني گهٽا تا گهٽن لئہ مرن پر،
اسان کي خبر آ، مئو کير آهي؟

---

خـبردار تـي پيار، سازش ٿئي ٿـي!
رقيبن تي دولت جي بارش ٿئي ٿي!
ٻـڌون ٿا، ڪرن کي ڪنيو آهي ڪُجلي.
اسان جي هٿن ۾ بہ خارش ٿئي ٿي!

---

هٽي ٻانهن لهرن سان ڪوئي لڙي پيو،
ڪناري تي ڪي پيا ڏِسن ”هيئن تَرُ نِي“!
حياتيءَ ڪي ڀاڪر وجهي يار پنهنجا،
ڏين ٽهڪ ٻينا، چون ”هيئن مَرُ نِي“!

---

يا خاموشيءَ سان عزت ڏيو،
يا دانهن ڪي اجازت ڏيو،
يا ڏاڍن ڪي ذرا ڏايو،
يا هيٺن ڪي حفاظت ڏيو!

---

جي ظالم ڪري ظلم وقتي ڪٿي ٿو،
سدا مينهن نفرت جو اُن تي وسي ٿو.
جي مظلوم اصولن تي ڪٽجي مري ٿو،
سدا مينهن محبت جو اُن تي وسي ٿو.

---

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books